
# اسلام ۾ مزدورن جا حَقَ

**01-May-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان
(For Islamic Brothers)



**پهرين مئي، 2025ء (اسلامي تاريخ: 2 ذُوالقعده ، 1446ھ)**
**تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# اسلام ۾ مزدورن جا حَق

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... آقا ۽ غلام هڪ ئي لباس ۾
- ✿... اَرَسطُو جو عجيب ۽ غريب نظريو
- ✿... جنت ۽ جهنم جو مڪالمو
- ✿...معزز ڪير

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتکاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي **10** رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن **10** ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي **100** رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي **100** ڀيرا درود شريف پڙهيو، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ **هي شخص نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي** ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.[1]

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحسن پر | سدا سلام کہو عمر بھر درود پڑھو
عبث گناہوں کی شامت میں مارے پھرتے ہو | خُدا کی تم پہ ہو رحمت اگر درود پڑھو[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي : اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[3]

**اي عاشقانِ رسول!** سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي.

1...معجم اوسط، جلد:5، صفحہ:252، حديث:7235۔
2 ...نورايمان، صفحہ:57۔
3 ...بخاری، كِتَابِ بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁اَدَب سان ويهندس ❁بيان دوران سُستي کان بچندس ❁پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس❁جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آقاءِ غلام هڪ ئي لباس ۾

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حديث پاڪ جي مشهور ڪتاب **بخاري شريف** ۾ هڪ تمام پياري روايت آهي، مان اها روايت ٿوري وضاحت سان اوهان کي ٻڌايان ٿو: حضرت مَعْرُور بن سُوَيد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مون کي صحابيءِ رسول حضرت ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو، انهن سان سندن غلام بہ گڏ هو. انداز اهو هو جو حضرت ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هيٺان سستو لباس پهريو هو ۽ ڪين ان جي مٿان قيمتي چادر اوڍيل هئي، بلڪل ساڳيو ئي لباس انهن جي غلام کي بہ پهريل هو، هن بہ هيٺان سستو لباس پهريو هو ۽ ان جي مٿان ڪيس قيمتي چادر اوڍيل هئي. هي منفرد انداز ڏسي مون عرض ڪيو: اي ابوذر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ! ائين بہ تہ ٿي پئي سگهيو تہ اوهان ٻنهي قيمتي چادرن مان پنهنجي لاءِ بهترين لباس سبرايو ها ۽ گهٽ قيمت وارو لباس غلام کي پهرايو ها (اهڙي طرح اوهان لاءِ بهترين لباس بہ تيار ٿي وڃي ها ۽ آقا ۽ غلام ۾ فرق بہ ظاهر ٿئي ها). اهو ٻڌي حضرت ابوذر غِفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي ماضيءَ جي هڪ ياد ٻڌائي (يعني اهو زمانو جڏهن حضرت ابوذر غِفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اجان نبين جي سلطان، رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تربيت هيٺ هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان آداب ۽ اخلاق سکي رهيا هئا، پاڻ انهن ڏينهن جي ڳالهہ ٻڌائي) فرمايائون: هڪ شخص هو، هڪ ڀيرو منهنجو ان سان ڪجهہ بحث ٿي ويو، تہ مون ان کي چيو: اي ڪاري ماءُ جا

پٽ! (يعني ان جي ماءُ ڪاري رنگ جي هئي، تنهنڪري مون ڪيس اهو طعنو ڏنو هو) اها ڳالهہ جڏهن پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معلوم ٿي، تہ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يَا اَبَاذَرٍّ اِنَّكَ امْرَءٌ فِيْكَ جَاهِلِيَّةٌ يعني اي ابوذر! تنهنجي اندر ۾ اڃان جاهليت واري زمانيِ جو اثر باقي آهي. وڌيڪ فرمايائون: هي جيڪي تنهنجا خادم (يا غلام) آهن، اهي تنهنجا ڀائر آهن، الله پاڪ انهن کي تنهنجي ماتحت ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري جنهن جو ڪو ڀاءُ ان جي ماتحت هجي، تنهن کي گھرجي تہ ۞ جيڪو پاڻ کائي، سوئي پنهنجي ماتحت کي کارائي ۞جيڪو پاڻ پهري، سوئي پنهنجي ماتحت کي پهرائي (جيئن تہ اها منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليم آهي، تنهنڪري مان پنهنجي غلام کي اهڙو ئي لباس پهرايو آهي، جهڙو پاڻ پهريو آهي).(1)

**ڪجهہ روايتن ۾ آهي:** اهو صحابيءِ رسول جنهن سان حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو ڪجهہ بحث وغيره ٿيو هو، اهو حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هو. جڏهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي تربيت فرمائي ۽ ٻڌايو تہ اي ابوذر! (تون اسلام بہ قبول ڪيو، اسلام جو نور تنهنجي اندر ۾ سمائجي بہ ويو، اسلامي اخلاقن ۽ آدابن سان تون سينگارجي بہ وئين، پر پوءِ بہ جاهليت جي دور جي هڪ خاصيت جو اثر اڃان تائين باقي آهي) اهو ٻڌي پاڻ فوراً حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وٽ پهچي ويا پنهنجو چهرو زمين تي رکيائون ۽ چيائون: **اي بلال! جيستائين تون پنهنجو پير منهنجي منهن تي نہ رکندين، مان زمين تان منهن مٿي نہ ڪڍندس.**

الله! الله! فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل جو شوق ڏسو! اها هڪ خامي جيڪا محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌائي، ان خاميءَ کي دور ڪرڻ جو جذبو ڏسو! ڪيتري نہ عاجزي اختيار ڪري رهيا آهن، هوڏانهن حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ صحابيءِ

1... فتح البارى، كتاب الايمان، باب المعاصى...الخ، جلد:1، صفحہ:117-118، زيرِ حديث:30 ملتقطاً۔

رسول آهن، اُهي اهڙي ڳالهه ڪيئن پسند پئي ڪري سگهيا، تنهنڪري انهن سندن چهري تي پير نه رکيو، **آخرڪار حضرت ابوذر** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ **زبردستي انهن جو پير ڪٽي پنهنجي منهن تي لڳايو.**(1)

| | |
|---|---|
| قرآن کے آئینے میں ہستی کے قرینے | تاحدِ نظر پھیلے ہیں اَنمول خزینے |
| ہیں مثل ستاروں کے مری بزم کے ساتھی | اَصحاب کے بارے میں یہ فرمایا نبی نے |
| ہیں آپ کے ہاتھوں ہی سے تراشے ہوئے ہیرے | اِسلام کے دامن میں یہ تابِندہ نگینے |
| بے ان کی محبّت کے سفر صرف تھکن ہے | منزل کوئی پائے گا نہ پائی ہے کسی نے |

*_*_*_*

| | | |
|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | سب صحابیات بھی! جنّتی! جنّتی! |
| والدینِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | ہر زوجۂ نبی! جنّتی! جنّتی!(2) |

# اسلام ۾ مزدورن جا حَق

پيارا اسلامي ڀائرو! پهرين مئي سموري دنيا ۾ **مزدورن جوڏِهاڙو** (***Labour Day***) طور ملهايو ويندو آهي. عالمي سطح تي بحث (***Discus***)ڪيا ويندڙ اهي وڏا مسئلا، جن جو ڪو مستقل حل (***Proper solution***) اجان تائين دنيا نه ڳولي سگهي آهي، انهن مان هڪ وڏو اهم مسئلو **مزدورن جي حقن** جو به آهي. صديون گذري ويون ۞ وڏا وڏا فلسفي (***Philosopher***)آيا ۞ وڏن وڏن عقلمندن دماغ لڳايا ۞ احتجاج ٿيا ۞ انقلاب آيا ۞ وڏا وڏا نظريا پيش ڪيا ويا، پر مزدور جيترو پهريان مظلوم هو، اڄ به اوترو ئي مظلوم نظر اچي رهيو آهي ۞ اهو مزدور جنهن جي محنت جي نتيجي ۾ سموري قوم پلجي رهي آهي، ان جو پنهنجو

1... ارشاد الساری،کتاب الایمان، باب المعاصی...الخ، جلد:1، صفحہ:160، زیرِ حدیث:30۔
2 ...وسائلِ فردوس، صفحہ:53ملتقطاً۔

چُلهو ٺٺو رهجي ويندو آهي ۞ اهو مزدور جنهن جي وهايل پگهر جي بدولت سرمائيدار امير کان امير تي رهيو آهي، اهو ويچارو مزدور غربت جي چڪي ۾ پيسجي پيسجي مري رهيو آهي ۞ اهو مزدور جنهن جي محنتن جي آڌار تي معاشرو ترقي ڪري رهيو آهي، اهو ئي معاشرو ان مزدور کي عزت جي نگاهہ سان نہ ٿو ڏسي، اڄ بہ دنيا ۾ جبري مشقت (يعني مزدور جي اُجرت نہ ڏيڻ، دابا ڏئي مزدورن کان محنت ڪرائڻ ۽ اُجرت ڦٻائڻ) جا ڪيس هزارن ۾ نہ پر لکن ۾ آهن. ڪنهن شاعر چيو هو:

شہر میں مزدور جیسا در بدر کوئی نہیں | جس نے سب کے گھر بنائے، اس کا گھر کوئی نہیں

هيءَ حقيقت آهي، اوهان شهرن ۾ نڪرو، اوهان کي وڏيون وڏيون عمارتون نظر اينديون، وڏا وڏا بنگلا، ڪوٺيون ڏسڻ ۾ اينديون، انهن وڏين وڏين عمارتن کي ٺاهڻ لاءِ جن پنهنجو پگهر وهايو، ڪلهن تي سِرُون کنيون، پنهنجن ڪپڙن کي مِٽي ۽ گاري سان آلوده ڪري ڇڏيو، انهن جي وَسندِيُن ۾ وڃو تہ ننڍڙا ننڍڙا گهر، رُوئيندڙ ٻار، ٿڌا ٿيل چُلها نظر ايندا. ڪنهن وڏي سادگي سان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو هو:

تُو تو خالق ہے، تجھ سے کیا پردہ | کل سے بچوں نے کچھ نہیں کھایا

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ حقيقت آهي تہ اڄ جي هن ترقي يافتہ دور ۾ بہ محنت ڪش ماڻهن جا اهڙا حال آهن، واقعي آهن، اسان کي پنهنجن شهرن، ڳوٺن ۽ گهٽين ۾ روزانو اهڙا هزارين سفيد پوش ماڻهو نظر ايندا، جيڪي سڄو ڏينهن محنت ڪندا آهن ۽ رُکي سُکي کائي گذارو ڪندا آهن.

## اسلام ۾ مزدورن جا حَقَ

پر اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسلام هڪ ڪامل ۽ اڪمل دين آهي، وڏا وڏا فلاسفر صدين جي

سوچ ويچار جي باوجود بہ جيڪو نہ ڪري سگهيا، اَلْحَمْدُلِلّٰه! دينِ اسلام اڄ کان ساڍا چوڏهن سو سال اڳ ۾ پورهيت/مزدورن، اجيرن ۽ محنت ڪشن جي حقن بابت ٻڌائي ڇڏيو هو.

اسان هاڻي **بخاري شريف** جي حوالي سان حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو واقعو ٻڌون، ان ۾ هڪ غلام جو ذڪر آهي، اهو ذهن ۾ رکو تہ: مزدور الڳ هوندو آهي ۽ غلام الڳ هوندو آهي، مزدور ۽ غلام ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، مزدور هڪ آزاد انسان هوندو آهي، هو پنهنجو پاڻ کي نہ، پر جيتري دير هن کي ڪم ڪرڻو آهي، پنهنجي اوتري وقت کي وڪڻندو آهي ۽ ان جي بدلي ۾ اُجرت وٺندو آهي، جڏهن هن جي ڪم جو وقت ختم ٿي ويندو آهي، ان کان پوءِ هو آزاد آهي، پنهنجي مرضي سان جيڪو چاهي اهو ڪري سگهي ٿو، پر اڳوڻي دور ۾ جيڪي غلام هوندا هئا، انهن کي باقاعده قيمت ڏئي بازار مان خريد ڪيو ويندو هو. حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي واقعي ۾ غلام جو ذڪر آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم غلام جي حقن بابت بيان ڪندي فرمايو: اهي جيڪي تنهنجا غلام آهن، اهي تنهنجا ڀائر آهن. الله پاڪ انهن کي تنهنجي ماتحت ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري جنهن جو ڪو ڀاءُ ان جي ماتحت هجي، ان کي گهرجي تہ ۞ جيڪو پاڻ کائي، اهو ئي پنهنجي ماتحت کي کارائي ۞ جيڪو پاڻ پهري، اهو ئي پنهنجي ماتحت کي پهرائي.(1)

الله اڪبر...!! غلامن جي حقن بابت هي اهڙا جملا آهن، جيڪي شايد ڪنهن سوچيا بہ نہ هوندا، وڏن وڏن فلاسفرن جي ذهنن ۾ انهن جو خيال بہ نہ گذريو هوندو، پيارا آقا صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم غلامن ۽ خادمن بابت ترغيب ڏيندي ارشاد فرمائي رهيا آهن تہ توهان جا جيڪي ڀائر توهان جي ماتحت آهن، انهن کي ڪنهن بہ طرح پاڻ کان

1... فتح الباری، کتاب الایمان، باب المعاصی...الخ، جلد:1، صفحہ:117-118، زیرِ حدیث:30 ملتقطاً۔

گهٽ نہ سمجهو، ڪو آقا آهي يا غلام، سيٺ آهي يا نوڪر، جيئن تہ اهي سڀ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد آهن تنهنڪري سڀ ڀائر آهن، ان لاءِ پنهنجي غلام، پنهنجي نوڪر، پنهنجي ملازم سان اهو ئي رويو اختيار ڪريو، جيڪو پنهنجي ڀاءُ سان اختيار ڪيو ويندو آهي، انهن کي بہ اهو ئي کاڌو کائڻ لاءِ ڏيو جيڪو توهان پاڻ کائيندا آهيو، انهن کي بہ اهو ئي پهرڻ لاءِ ڏيو جيڪو ڪجهه توهان پاڻ پهريندا آهيو...!!

سُبْحٰنَ الله! هيءَ ڳالهه صرف چوڻ جي حد تائين محدود نہ آهي، صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهم ان تي عمل ڪري ڏيکاريو، حضرت ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ صحابيءِ رسول آهن، انهن وٽ چار ڪپڙا هئا، ٻہ قيمتي، ٻہ گهٽ قيمت وارا، ائين بہ ٿي پئي سگهيو تہ ٻن قيمتي ڪپڙن مان پاڻ پنهنجي لاءِ لباس نهرائن ها ۽ گهٽ قيمت وارا ڪپڙا پنهجي غلام کي ڏين ها، پرانهن اسلام جي تعليمات تي عمل ڪيو، هڪ قيمتي ڪپڙو پاڻ پهريائون ۽ ٻيو پنهنجي غلام کي پهرايائون.

اَلْحَمْدُلِله! ۞ هي اسلام آهي، جيڪو اسان کي مساوات (***Equality*** يعني برابري ۽ انصاف) جو درس ڏئي ٿو ۞ هي اسلام ئي آهي جيڪو هر طبقي (***Class***)جي ماڻهن کي انهن جي مرتبي جي مطابق حق عطا ڪري ٿو ۞ هي اسلام ئي آهي، جيڪو هر هڪ کي ڪنڌ ڪٽي جيئڻ سيکاري ٿو.

## ڪعبي جي ڇتِ تي آذان

اسلامي تاريخ جو هي سونهري واقعو شايد اوهان اڳ ۾ بہ ٻڌو هوندو، فتح مڪي جو موقعو هو، اهو شهر جتان پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪري تشريف وٺي ويا هئا، اهي گهٽيون، جتي سندن جان نثارن، يعني صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهم تي ظلم ۽ ستم جي انتها ڪئي وئي هئي، اهي گهر، اهي محلا جتي مسلمانن جو جيئڻ جنجال ٿي ويو هو، 9 هجري (يعني هجرتِ مدينہ

ڪان 9 سال پوءِ) اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم انهن گهٽين، انهن محلن ۾ ان شهر ۾ فاتح بڻجي تشريف فرما ٿيا. هن پاڪ شهر کي ڪفر ۽ شرڪ جي گندگي ڪان پاڪ ڪيو ويو. ڪعبو مبارڪ، جنهن کي زمانهءِ جاهليت ۾ شرڪ سان آلوده ڪيو ويو هو ان کي هڪ ڀيرو ٻيهر توحيد جو مرڪز بڻايو ويو. ان موقعي تي مڪي جا وڏا وڏا سردار موجود هئا، پر رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي حڪم ڏنو...!! ڪير آهي بلال ...؟ اهو ۞ جنهن کي غير مسلمن غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيو هو ۞ جنهن کي مڪي پاڪ ۾ ستايو ويو هو ۞ جنهن کي تَتَل واريءَ تي ليٽائي سندس جسم مٿان ڳرا پٿر رکيا ويندا هئا ۞ جنهن جي مٿان مڪي جي گهٽين ۾ پٿرن جو وسڪارو ڪيو ويندو هو، اهو ئي حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ...!! اڄ پياري آقا، رسول خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم حڪم ڏنو: **اي بلال ...!! اڄ ڪعبي جي ڇت تي چڙهي آذان ڏي ...!!** (1)

خير! حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ڪعبي جي ڇت تي چڙهيا ۽ آذان ڏيڻ شروع ڪيائون. مڪي جا وڏا وڏا سردار هي عجيب منظر پنهنجين اکين سان ڏسي رهيا هئا. سندن ذهنن ۾ خيال ايري رهيا هئا ته ڪالهوڪو غلام اڄ ڪعبي جي ڇت تي آذان ڏئي رهيو آهي (اها سعادت ته ڪنهن وڏي رتبي واري کي ملڻ گهرجي ها)، انهن جي ذهنن ۾ اهي وسوسا اچي ئي رهيا هئا ته حضرت جبرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام حاضر ٿيا ۽ قرآن ڪريم جي هيءَ آيت نازل ٿي: (2)

| | |
|---|---|
| اِنَّ اَکۡرَمَکُمۡ عِنۡدَ اللّٰہِ اَتۡقٰکُمۡ ؕ<br>(پارو: 26، سوره حجرات: 13) | **ترجمو ڪنز العرفان:** بيشڪ الله وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي. |

يعني اهو سمجهايو ويو ته: اي انسانو ...!! اسلام ۾ عزتن جو معيار ۞ نه آقا

1... شرح الزرقانی علی المواہب، باب غزوة الفتح الاعظم، جلد:3، صفحہ:484بتصرف۔
2... اسباب النزول للواحدی،صفحہ:304، رقم:816 بتصرف ۔

هجڻ تي آهي ۞ نہ غلام هجڻ تي آهي ۞ نہ سيٺ هجڻ تي آهي ۞ نہ نوڪر هجڻ تي آهي. عزتن جو معيار ...!! ۞ نہ عهدو آهي ۞ نہ منصب آهي ۞ نہ ذات پات آهي ۞ نہ مال ۽ دولت آهي ۞ نہ ظاهري رعب تاب (اسٽيٽس ***Status***) آهي...!! الله پاڪ وٽ عزت جو معيار صرف ۽ صرف تقويٰ آهي. جيڪو صاحبِ تقويٰ آهي، اهو عزت وارو آهي، جيڪو صاحبِ تقويٰ نہ آهي، اهو ظاهري طور چاهي ڪيترو بہ وڏي رتبي وارو هجي، الله پاڪ وٽ عزت وارو نہ آهي.

سُبْحٰنَ الله! هي آهي اسلام جو حسن...!!

## اَرَسطُو جو عجيب ۽ غريب نظريو

اوهان ڪي هيءَ ڳالھ ٻڌي ڏاڍي حيرت ٿيندي تہ ارسطو، جنھن ڪي انگريز ارسٽوٽل (***Aristotle***)چوندا آهن، هي يوناني فلسفي جو باني آهي. يعني اڄ جي جيڪا سائنس آهي ان جي شروعات ارسطو ڪئي هئي، ڪجھ ماڻھو اسلام تي اهو الزام لڳائيندا آهن تہ اسلام پنھنجون تعليمات يوناني فلسفي کان چورايون آهن (معاذالله...!!). ٿورو هن اَرَسطُو جو عجيب ۽ غريب نظريو ٻڌو! ارسطو غلام ۽ مزدور جي تعريف ڪندي لکي ٿو: **اهو هڪ اوزار آهي، جنھن ۾ ساهُ آهي.**[1]

يعني غلام، مزدور ۽ محنت ڪش ماڻھو ارسطو جي نظر ۾ صرف هڪ مشين آهن. مَعَاذَالله! اُهي انسان سڏائڻ جا بہ حقدار نہ آهن. لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِالله!

قربان وڃان! جڏهن اسلام غلامن ۽ مزدورن جي حقن بابت ڳالهائي ٿو تہ سڀ کان پهريان اهو چئي ٿو تہ غلام هجي يا آقا، سيٺ هجي يا نوڪر، مزدور هجي يا سرمائيدار، انسان هجڻ جي حيثيت ۾ ٻئي برابر آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه! اهو اسلام جو حسن آهي.

## مزدورن کي گَھٽِ نہ سمجھو...!!

1... ضياء النبی، جلد:1، صفحہ:110۔

پر افسوس ...!! اڄڪلهه اسان جي معاشري ۾ به هي غير مسلم رويو زور وٺي رهيو آهي. ماڻهو مزدورن، محنت ڪشن ۽ غريبن کي ڪمتر سمجهڻ لڳا آهن. انهن کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ لڳا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ۞ اوباش قسم جا نوجوان انهن تي چٿرون ڪندا آهن ۞ انهن جي ڪپڙن بابت ۞ انهن جي زندگي گذارڻ (لائف اسٽائل ***Lifestyle***)متعلق انهن کي طعنا ڏنا ويندا آهن ۞ غريب غريب چئي انهن کي ٽوڪيو ويندو آهي. اَسْتَغْفِرُ الله! هيءَ تمام خراب ڳالهه آهي، تمام ئي خراب ڳالهه آهي. اهڙي انداز سان يقيناً انهن جي دل ڏکندي هوندي ۽ ياد رکو! مسلمان جي دل ڏکائڻ گناهِ ڪبيرهه، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. (1) پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذَانِيْ جنهن ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏني، ان مون کي تڪليف ڏني وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى اللهَ ۽ جنهن مون کي تڪليف ڏني (جڻ) ان الله پاڪ کي تڪليف پهچائي. (2)

خدایا! کسی کانہ دل میں دکھاؤں | اماں تیرے اَبَدی عذابوں سے پاؤں

## اهڙي شان واري سودي ۾ نقصان نه ٿيندو آهي

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو انداز ڏسو! الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ اوهان کي حڪم ڏنو:

وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ
(پارو: 15، سوره ڪهف: 28)

ترجموڪنز العرفان: ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن ماڻهن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي سڏيندا آهن ان جي رضا گهرندا آهن

---

1... غیبت کی تباہ کاریاں، صفحہ:444۔
2... معجم اوسط، جلد:2، صفحہ:386، حدیث:3607۔

۞ حضرت بلال ۞ حضرت صُهيب رومي ۞ حضرت خباب رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھم وغيره، اهي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھم جيڪي اڳ ۾ غلاميءَ جي زندگي گذاري چڪا هئا. هيءَ آيت انهن صحابه جي حق ۾ نازل ٿي. الله پاڪ انهن صحابه جي متعلق پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمايو: اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! پنهنجو پاڻ کي انهن اصحابن سان مانوس رکو...!! حضرت خباب رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: اسان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا هئاسين ته حضور اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان سان گڏ تشريف فرما ٿيندا هئا. جيتري دير ارادو ڪندا هئا، تشريف رکندا هئا. پوءِ جيڪڏهن ڪا ضرورت پوندي هئي ته اسان کي اتي ويٺل ڇڏي تشريف وٺي ويندا هئا. پر جڏهن هيءَ آيت ڪريمه نازل ٿي، ان کان پوءِ حالت اها ٿي وئي جو پيارا نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان سان گڏ تشريف فرما رهندا هئا، ايسيتائين جو اسان پاڻ اجازت وٺندا هئاسين ته وڃندا هئاسين، نه ته حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي اتي ويٺل ڇڏي ڪڏهن به نه اٿندا هئا. (1)

دامنِ مصطفٰے سے جو لپٹا یگانہ ہو گیا | جس کے حُضُور ہو گئے اس کا زمانہ ہو گیا

## مزدورن سان چاهُ رکو...!!

ها ته هي محنت ڪش ۽ مزدور ماڻهو، جڏهن پنهنجي ڪم سان هوندا آهن، ظاهر آهي تمام گهڻي محنت ڪندا آهن. سندن ڪپڙا به ميرا ٿي ويندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن ته تمام گهڻو پگهر به ايندو آهي، جنهن ڪري سندن ظاهري روپ ڪجهه بيو ٿي ويندو آهي، ڪجهه ماڻهو انهن جي اهڙي حالت تي به ٺوڪون ڪندا آهن، انهن جي ميرن ڪپڙن جي سبب انهن کان ڪِراهت مَحسوس ڪندا آهن. اهو به دل آزاري وارو انداز آهي. **روايتن ۾ آهي:** جيڪي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھم محنت ڪش هئا ۽ تمام گهڻي محنت وارو ڪم ڪندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن سندن مبارڪ

1...تاريخ مدينه دمشق، جلد:10، صفحه:447تا448۔

ڪپڙن مان پگهر جي بوءِ اچي رهي هوندي هئي، پر پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اهڙي حالت ۾ به انهن جي ويجهو تشريف فرما ٿي ويندا هئا. هڪ دفعي حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ته صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم الله پاڪ جو ذڪر ڪري رهيا هئا، (محنت وغيره جي ڪري) انهن مان ڪن جا وارَ وِڪريل هئا، سندن جسمن جون چمڙيون خشڪ ٿي ويون هيون، ڪن وٽ پائڻ لاءِ رڳو هڪڙو ڪپڙو هو(جنهن سان پنهنجو ستر لڪائي وينا هئا) پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا انهن وٽ ويهي رهيا ۽ فرمايائون: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ الَّذِیۡ جَعَلَ فِیۡ اُمَّتِیۡ مِنۡ اَمَرِیۡ اَنۡ اَصۡبِرَ نَفۡسِیۡ مَعَھُمۡ سڀ تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن، جنهن منهنجي امت ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ڪيا، جن سان پنهنجي جان مانوس رکڻ جو مون کي حڪم ڏنو ويو آهي. (1)

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ انداز...!! پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم محنت ڪرڻ وارن کي ڪيڏي نه عزت سان نوازيندا هئا، انهن وٽ ويهندا هئا، انهن جي دلجوئي فرمائيندا هئا ۽ انهن سان محبت جو اظهار ڪندا هئا. اسان کي به گهرجي ته غريب ۽ مزدور طبقي کي عزت ڏيون، انهن جو قدر ڪريون.

## مزدور هئڻ خراب ڳالهه نه آهي

هيءَ ڳالهه ياد رکو! غريب هئڻ، مزدور يا ملازم هئڻ خراب ڳالهه نه آهي، ان سان عزت گهٽ نه ٿيندي آهي. رزق حلال ڪمائڻ جي لاءِ محنت مزدوري ڪرڻ ته تمام فضيلت واري ڳالهه آهي. هڪ ڀيرو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا، صحابهٴ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم به موجود هئا، اوچتو هڪ خوبصورت ۽ طاقتور نوجوان تيز تيز قدمن سان اتان گذريو ان کي ڏسي صحابهءِ

1... تفسیر طبری، پارہ:15، سورۂ کہف، زیرِ آیت:28، جلد:8، صفحہ:214، رقم:23017۔

ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهم چيو: ڪاش! هي پنهنجي جواني الله پاڪ جي راهه ۾ لڳائي ڇڏي ها. حضور اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ۞ جيڪڏهن هي پنهنجن ننڍڙن ٻارن لاءِ ڪمائي ڪرڻ نڪتو آهي فَهُوَفِيْ سَبِيْلِ اللهِ ته اهو الله پاڪ جي راهه ۾ آهي ۞ جيڪڏهن پيرسن والدين جي لاءِ روزي جي تلاش ۾ آهي فَهُوَفِيْ سَبِيْلِ اللهِ تڏهن به هو الله پاڪ جي راهه ۾ آهي ۞ جيڪڏهن پنهنجو پاڻ کي سوال کان بچائڻ جي لاءِ نڪتو آهي فَهُوَفِيْ سَبِيْلِ اللهِ تڏهن به الله پاڪ جي راهه ۾ آهي.(1)

معلوم ٿيو ته ضرورت جي مطابق محنت مزدوري ڪرڻ، رزق حلال ڪمائڻ لاءِ ڊُڪَ ڊوڙ ڪرڻ به عبادت آهي.

## جنت ۽ جهنم جو مڪالمو

**هڪ حديث پاڪ ۾ آهي:** جهنم ۽ جنت جي وچ ۾ مباحثو ٿيو (يعني ٻنهي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي). جهنم چيو: مان اهو آهيان، جنهن ۾ ظالم ۽ تڪبر ڪرڻ وارا ماڻهو داخل ڪيا ويندا. جنت چيو: مان اها آهيان، جنهن ۾ ڪمزور ۽ غريب ماڻهو داخل ڪيا ويندا.(2)

تاج و تخت و حکومت مت دے | کثرتِ مال و دولت مت دے
اپنی رِضا کا دے دے مژدہ | یاالله! مری جھولی بھر دے (3)

## ذِلت واري جاءِ تي ويهڻ

حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون وٽِ اها ڳالهه پهتي آهي ته جيڪو شخص رزقِ حلال جي تلاش ۾ ذلت واري جاءِ تي ويهندو آهي، **ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي.**(4)

---

1...معجم كبير، جلد:8، صفحه:160، حديث:15619۔
2... مسلم، كتاب الجنة، باب النار يدخلها...الخ، صفحه:1092، حديث:2846۔
3...وسائل بخشش،صفحه:123۔
4... احياءالعلوم،كتاب آداب الكسب و المعاش،الباب الاول ...الخ،جلد:2، صفحه:81۔

## توهان جو ڏنڌو خير وارو آهي

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما کان روايت آهي هڪ دفعو هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! منهنجي پيشي بابت اوهان ڇا ٿا فرمايو؟ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: تون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟ هن عرض ڪيو: مان ڪپڙو اُٽندو (ناهيندو) آهيان رسول هاشمي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: تنهنجو پيشو حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام وارو آهي، سيني کان پهريون ڪپڙو جنهن ناهيو، اهي حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام هئا. بيشڪ تنهنجو پيشو اهو آهي، جنهن جي ضرورت جيئرن سان گڏ مئلن کي به پوندي آهي (چو ته انهن کي ڪفن پارايو ويندو آهي) جيڪو توکي (تنهنجي پيشي جي ڪري طعنا ڏئي) تڪليف پهچائيندو آهي اهو ڄڻ ته حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام کي طعنو ڏيندو آهي، غم نه ڪر! تنهنجي لاءِ خوشخبري آهي ته تنهنجو پيشو برڪت وارو آهي. قيامت جي ڏينهن حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام تنهنجو قائد هوندو. (1)

الله پاڪ اسان کي سٺي سوچ عطا فرمائي. جيڪو خوش نصيب پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارن جو پيٽ پالڻ لاءِ حلال پيشو اختيار ڪندو آهي اهو سٺو انسان آهي، نيڪ ڪم ڪري رهيو آهي، اسان کي گهرجي ته ان جي حوصلا افزائي ڪريون، جيڪڏهن ممڪن هجي ته ان جي مدد ڪريون ۽ ان جو هٿ ونڊايون. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! ان جي برڪت سان معاشرو سڌري ويندو ۽ بيروزگاري جو خاتمو ٿي ويندو.

## جبري مشقت هڪ سنگين جرم

پيارا اسلامي ڀائرو! مزدورن، ملازمن ۽ اجيرن جا اهي حق، جيڪي اسلام بيان ڪيا آهن، انهن مان هڪ اهو آهي ته **مزدور کي سندس مزدوري وقت تي ۽ پوري پوري ادا ڪئي وڃي.**

1 ...البرکۃ فی فضل السعی و الحرکۃ، الباب الاوّل...الخ، صناعات الانبیاء، صفحہ:46۔

جيئن مون پهريان عرض ڪيو هو ته هن وقت سڄي دنيا ۾ جبري مشقت جا واقعا تمام گهٽجا آهن. هڪ عالمي اداري (*International Organizations*) جي رپورٽ موجب سموري دنيا ۾ لکين ماڻهو جبري مشقت جو شڪار آهن (يعني جيڪي طاقتور آهن، اهي ماڻهن کان زوري زبردستي ڪم ڪرائيندا آهن ۽ ڪين پوري اجرت نه ڏيندا آهن). هن غير قانوني عمل ۾ ملوث ماڻهو هر سال **236** ارب ڊالر جو نفعو حاصل ڪري رهيا آهن.

يعني هي ساليانو **236** ارب ڊالر اهي آهن، جيڪي ويچارن مزدورن جو حق آهي، پر انهن تائين پهچايو نه ٿو وڃي ۽ ناجائز طور تي ڦٻايا وڃن ٿا. اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ...!!

## اُجرت پهريان طئي ڪريو...!!

پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ڪنهن اجير کي اجرت تي رکو، ته ان کي سندس اجرت اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو.(1)

هي اجرت جي باري ۾ هڪ حڪم آهي ته جڏهن به ڪنهن کي اجير رکڻو آهي، ته ان جي اجرت اڳ ۾ طئي ڪرڻي آهي. هاڻي ان مان اهو نه سمجهو ته وڏين وڏين ڪمپنين ۾ جيڪي ملازم رکيا ويندا آهن، اها انهن متعلق ڳالهه ٿي رهي آهي. اسان تقريباً روزاني جي بنياد تي هڪ ٻئي سان اجارو ڪري رهيا هوندا آهيون، مثال طور: ۞ ڪنهن جاءِ تي وڃڻ لاءِ رڪشو ڪرايو، گاڏي بُڪ ڪرائي، ان سان اڳ ۾ اجرت طئي ڪئي ويندي ۞ ريلوي اسٽيشن (*Railway station*) وغيره تي ماڻهو ڦُلي کان سامان کڻائيندا آهن ان سان به اڳ ۾ اجرت طئي ڪئي ويندي ۞ گهر ۾ ڪم ڪرائڻو آهي، اسان گهر ۾ اليڪٽريشن (*Electrician*) کي گهرائيندا آهيون، پلمبر (*Plumber*) کان ڪم ڪرائيندا آهيون ۽ ٻيا به

1... مسند ابو حنيفه، من مراسيل ابراہيم، صفحه:90۔

ڪيترائي ننڍا وڏا ڪم ڪرايا ويندا آهن ۞ گهر ۾ استري خراب ٿي وئي، پکو خراب ٿي ويو، اي سي ريفلنگ (*Refilling*) ٿيندي آهي، انهن سيني ڪمن جي به اجرت اڳ ۾ طئي ڪئي ويندي.

ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته دڪاندار، رڪشي وارو يا گاڏي وارو صرف چوڻ جي حد تائين چئي ڏيندو آهي ته: جيڪو مناسب هجي، اهو ڏجو ايئن چوڻ درست نه آهي، باقاعده اجرت طئي ڪرڻي آهي. تنهنڪري جڏهن به ڪنهن سان اجارو ڪيو، ڪرائي تي ڪا شيءِ ورتي، ڪنهن ميڪنڪ (*Mechanic*) مستري يا مزدور کان ڪو ڪم ڪرايو، ته باقاعده طور تي ڪم ۽ اجرت پهرين طئي ڪيو ته پاڻ! هي ڪم آهي، ان جا مان توهان کي هيترا پئسا ڏيندس. ائين سڀ ڪجهه طئي ڪري پوءِ ڪم ڪرايو. [1]

## اجرت وقت تي ادا ڪيو...!!

هڪ ٻي حديث پاڪ ٻڌو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مزدور جو پگهر سڪڻ کان اڳ ۾ سندس مزدوري ادا ڪريو...!! [2]

اها تمام گهڻو ضروري شيءِ آهي. ڪنهن جو مال ناحق طور تي ڦٻائڻ انتهائي سخت جرم، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. مالڪِ جنت، قاسمِ نعمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: مان قيامت جي ڏينهن ٽن ماڻهن جي مقابل هوندس (يعني انهن کي سخت سزا ڏيندس) **(1):** اهو شخص جيڪو منهنجي نالي تي واعدو ڪري ۽ پوءِ واعدو ٽوڙي ڇڏي **(2):** اهو شخص جيڪو ڪنهن آزاد انسان کي وڪرو ڪري ۽ پوءِ ان جي قيمت کائي وڃي **(3):** اهو شخص جنهن ڪنهن مزدور کي اجرت تي رکيو، ان کان

1... حلال طريقے سے کمانے کے 50 مدنی پھول، صفحہ:20 ۔
2... ابن ماجہ، کتاب الرھون، باب اجر الاجر، صفحہ:392، حدیث:2443۔

ڪم تہ پورو ورتائين پر ڪيس اجرت نہ ڏنائين. (1)

الله اڪبر...!! اندازو ڪيو! قيامت جي ڏينهن رَحم ڪير فرمائيندو؟ الله پاڪ بخشش ڪير فرمائيندو؟ الله پاڪ جنت ڪير عطا فرمائيندو؟ الله پاڪ جيڪڏهن الله پاڪ پاڻ ئي ڪنهن جي مُقابل تي وجي، غور ڪريو! اُن شخص جي بخشش ڪيئن تي سگهندي...؟ اِن ڪري مزدور جي اُجرت وقت سر ادا ڪرڻ جي عادت وجهڻ گهرجي.

## الله پاڪ جي عدل جو مثال

الله پاڪ جا نبي آهن: حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام. هڪ دفعو انهن بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: اي مالڪ ڪريم! مان تنهنجو عدل ۽ انصاف ڏسڻ چاهيان ٿو. فرمايو ويو: اي موسيٰ! تون نہ ڏسي سگهندين. عرض ڪيائون: مولٰي! تون ڏيکارڻ تي قدرت رکين ٿو. فرمايو ويو: نيڪ آهي! پوءِ فلاڻي جاءِ تي درياهہ جي ڪناري تي وڃو ۽ لڪي اسان جو عدل ڏسو! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ان جاءِ تي پهتا، وڻن جو پويان ڪنهن جڳهہ تي لڪي وينا ۽ انتظار ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ اتي هڪ امير شخص آيو جيڪو گهوڙي تي سوار آهي ۽ سندس هٿ ۾ پئسن سان پريل ٿيلهو (*Bag*) آهي، هُو درياهہ جي پرسان اچي بيٺو، پنهنجو پئسن سان پريل ٿيلهو هڪ پاسي رکي درياهہ جي پاڻي سان هٿ منهن ڌوتائين ۽ گهوڙي تي سوار ٿي هليو ويو. پئسن جو ٿيلهو جيڪو هن هڪ طرف رکيو هو، اهو کڻڻ ڪانئس وسري ويو. ٿوري دير گذري تہ هڪ ٻار اتي آيو، هن ٿيلهو ڏٺو، ان جي اندر پئسا ڏٺا تہ ٿيلهو کڻي گهر هليو ويو.

اجان ٿوري ئي دير مَسَ گذري تہ هڪ پوڙهو اکين کان نابينا شخص اتي آيو، ڪيس ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو، هن درياهہ جي پاڻي سان هٿ منهن ڌوتو ۽ آرام

1 ... بخارى، كتاب البيوع،باب اثم من باع حراًصفحہ:573، حديث:2227۔

ڪرڻ لاءِ هڪ جاءِ تي ليٽي پيو. ايتري ۾ اهو امير شخص جنهن جو ٿيلهو هو ان کي جڏهن ياد آيو ته مان پيسن وارو ٿيلهو درياهہ جي ڪناري تي وساري آيو آهيان ته هو ٻيهر واپس موٽي آيو، هتي ته صرف اهو نابينا پوڙهو شخص هو. امير شخص پوڙهي کان پڇيو: ڇا تو هتي منهنجو ٿيلهو ڏٺو آهي؟ پوڙهي وراڻيو: مان ته انڌو آهيان، مون کو ٿيلهو نہ ڏٺو آهي. امير شخص ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ چيائين: تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين، ٿيلهو تو ئي کنيو آهي. جلدي ٻڌاءِ ٿيلهو ڪٿي آهي، نہ ته مان توکي قتل ڪري ڇڏيندس. پوڙهو ڪيس منٿون ڪرڻ لڳو ته ياءُ! مون ٿيلهو نہ ڏٺو آهي مان ته انڌو آهيان، پر ان امير شخص هن جي هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ ڪاوڙ ۾ اچي ان پوڙهي کي قتل ڪري ڇڏيائين.

اهو منظر ڏسي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ڏاڍو حيران ٿيا تہ هي ڪهڙو انصاف آهي؟ پوڙهي شخص جو تہ ڪو قصور ئي نہ هو، هو تہ اجايو مارجي ويو. الله پاڪ وحي موڪلي فرمايوويو: اي موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام! اهو ئي اسان جو انصاف آهي. معاملو اصل ۾ هينئن آهي تہ هُو جيڪو ٻار هو ان جو پيءُ هِن امير شخص وٽ مزدوري ڪندو هو، هن گهڻي وقت کان ان کي مزدوري نہ ڏني هئي. ٿيلهي ۾ جيڪا رقم هئي، اصل ۾ اهي ان مزدوري جا ئي پئسا هئا، جيڪي ان امير شخص روڪي رکيا هئا. تنهنڪري ان مزدور جي ڪمائي ٻار جي ذريعي سندس گهر پهچي وئي. جيڪو پوڙهو هو اُن پنهنجي جواني ۾ ان امير شخص جي پيءُ کي قتل ڪيو هو. اڄ ان قتل جي بدلي ۾ هو پاڻ قتل ٿي ويو. ائين مزدور کي ان جي مزدوري بہ ملي وئي ۽ قاتل کي ان جي ڏوهہ جي سزا بہ ملي وئي.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي الله پاڪ جو عدل ۽ انصاف...!! جيڪي پاڻ کي طاقتور سمجهي، پنهنجي عهدي، منصب، مال ۽ دولت يا طاقت

1 التبر المسبوک فی نصیحة الملوک، صفحہ:54۔

ڪي بنياد بڻائي ٻين جو حق ڦٻائيندا آهن، انهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ الله پاڪ اَحْكَمُ الْحَاكِمِيْن آهي، بادشاهن کان وڏو بادشاهہ آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

وَ هُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ (پارو: 7، سوره انعام: 61)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهو ئي غالب آهي پنهنجن ٻانهن تي.

الله پاڪ کي سمورا اختيار آهن. اهو رب ڪريم جيڪڏهن پڪڙ فرمائي تہ مان ۽ تون تہ ڇا، نمرود ۽ فرعون جهڙا طاقتور بادشاهہ بہ ڪا اهميت نہ ٿا رکن...!! تنهنڪري ڪنهن جو حق نہ ڦٻايو، سِر جهڪائي، عاجزي جو پيڪر بڻجي وڃو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## وَسَ آهر ڪم وٺو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! مزدور جي حقن مان هڪ حق اهو بہ آهي تہ **ان ڪي ان جي طاقت جي مطابق ڪم ڏنو وڃي**. جيڪڏهن لڳي رهيو هجي تہ ڪم گهڻو وزن وارو آهي يا زيادهہ طاقت وارو آهي تہ اهڙو ڪم مزدور کي ڏيڻ وقت ان سان گڏجي سندس مدد بہ ڪئي وڃي. **حديث شريف ۾ آهي:** غلام کي ڪنهن اهڙي ڪم جي ذميداري نہ ڏيو جيڪا هن جي لاءِ مشڪل هجي پر جيڪڏهن ڪيس ڪو اهڙي قسم جو ڪم ڏيو تہ پوءِ پاڻ بہ ان جي مدد ڪريو.

## ٻيٽي محنت کان بچايائون

صحابيءِ رسول آهن، حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ. حضرت ابو قلابہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ دفعي هڪ شخص حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، ان وقت حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ اٽو ڳوهي رهيا هئا اهو ڏسي ان شخص حيرت مان چيو: عالي جاهہ! هي ڇا آهي؟ (يعني اوهان پاڻ اٽو ڳوهي رهيا آهيو؟) فرمايائون: مان پنهجي خادم کي ڪنهن ڪم سان موڪليو آهي، مون

ڪي سنو نہ لڳو تہ ان جي لاءِ ٻئي ڪم رکان. [1]

## ايترو ئي ثواب لکيو ويندو

سُبْحٰنَ الله! ڪھڙو نہ پيارو انداز آھي. اتو ڳوھڻ خادم جي ذمي ھو، پر حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان کي ٻئي ڪم سان موڪليو تہ ان جي حصي جو ڪم پاڻ ڪرڻ لڳا تہ جيئن خادم کي ٻيڻي مشقت نہ ڪرڻي پئي. سُبْحٰنَ الله! اسان کي بہ اھڙو انداز اختيار ڪرڻ گھرجي. **حديث پاڪ ۾ آھي:** توھان پنھنجي خادم جي ڪم ۾ جيتري گھٽتائي ڪندؤ، توھان جي اعمال نامي ۾ ايترو ئي ثواب لکيو ويندو. [2]

## خادم کي معاف ڪري ڇڏيو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان انسان آھيون ۽ انسان نِسيان (ڀلجڻ) مان ٺھيل آھي. اسان جھڙن عام انسانن کان غلطيون ٿي ئي ونديون آھن، ايئن ئي اسان جي خادمن يا اجيرن کان بہ غلطيون ٿي سگھن ٿيون. تنھنڪري انھن کي معاف ڪرڻ جي عادت بڻايو، اھو بہ مزدورن جي حقن مان آھي. حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْھما کان روايت آھي تہ ھڪ شخص پياري آقا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان ڪيترا ڀيرا پنھنجي خادم کي معاف ڪريان؟ حضور صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: روزانو **70** دفعا. [3]

مشھور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: عربي ۾ **70** جو لفظ گھڻائي لاءِ استعمال ٿيندو آھي، يعني ھر روز ان کي ڪيترائي ڀيرا

1 ... الزُّہْد لامام احمد بن حنبل ، صفحہ : 177 ، حديث : 841ـ ـ
2... ابن حبان، کتاب العتق، باب ذکر کتبة الله ...الخ،صفحہ:1171، حديث:4314ـ
3... ترمذی، کتاب البر والصلة، باب ماجاء فی العفو...الخ، صفحہ:477، حديث:1950ـ

معاف ڪريو...!! (1)

## لونڊي (ڪنيز) کي آزاد ڪري ڇڏيائون

حضرت امام زين العابدين رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه، امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جا شهزادا آهن. هڪ دفعي سندن ڪنيز کين وضو ڪرائي رهي هئي.

اڳين دور ۾ لونڊيون ۽ غلام باقاعده وڪرو ڪيا ويندا هئا، انهن لونڊين کان پردو فرض نہ هو تنهنڪري امام زين العابدين رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي ڪنيز کين وضو ڪرائي رهي هئي، اوچتو ان جي هٿن مان وضو ڪرائڻ وارو ٿانو (يعني لوٽو وغيرهہ) ڪري پيو ۽ امام زين العابدين رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي چهري تي لڳو ۽ سندن چهرو مبارڪ زخمي ٿي پيو. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه ڪنڌ مٿي ڪٽي نهاريو تہ لونڊي قرآن مجيد جي هيءَ آيت پڙهي:

وَ الۡكٰظِمِيۡنَ الۡغَيۡظَ (پارو 4، سورة آل عمران: 134)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ غصو پيئڻ وارا

امام زين العابدين رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه آيت ٻڌي فرمايو: مون پنهنجو غصو پي ڇڏيو. ڪنيز ان ئي آيت جو اڳيون حصو پڙهيو:

وَ الۡعَافِيۡنَ عَنِ النَّاسِ ؕ (پارو 4، سورة آل عمران: 134)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ماڻهن کان درگزر ڪرڻ وارا

امام زين العابدين رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: مون الله جي رضا جي لاءِ توکي معاف ڪيو. لونڊي ساڳي ئي آيت جو ان کان اڳيون حصو پڙهيو:

وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۳۴﴾ (پارو 4، سورة آل عمران: 134)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ الله نيڪ ماڻهن سان محبت فرمائيندو آهي

امام زين العابدين رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: وڃ! تون الله پاڪ جي رضا جي لاءِ آزاد

1... مراة المناجيح، جلد:5، صفحہ:170 ـ

آهين.[1]

## معزز ڪير آهي؟

الله پاڪ اسان کي بہ توفيق عطا فرمائي. معاف ڪرڻ جي عادت اپنائڻ گھرجي. جيڪو معاف ڪندو آهي، ان کي معاف ڪيو ويندو آهي. حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي رب ڪريم! تنهنجي نظر ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت وارو ڪير آهي؟ فرمايو ويو: اهو جيڪو بدلو وٺڻ جي طاقت هوندي بہ معاف ڪري ڇڏي.[2]

## معاف ڪرڻ وارن جي بي حساب مغفرت

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن اعلان ڪيو ويندو: جنهن جو اجر الله پاڪ جي ذمہِ ڪرم تي آهي، اهو اٿي ۽ جنت ۾ داخل ٿي وڃي. پڇيو ويندو: اهو اجر ڪنهن جي لاءِ آهي؟ اعلان ڪرڻ وارو چوندو: انهن ماڻهن جي لاءِ آهي جيڪي معاف ڪرڻ وارا آهن، تہ هزارين ماڻهو اٿندا ۽ بي حساب جنت ۾ داخل ٿي ويندا.[3]

الله پاڪ اسان کي محنتي ماڻهن، مزدورن، خادمن، اجيرن ۽ غريبن جو قدر ڪرڻ، انهن کي عزت جي نگاهہ سان ڏسڻ ۽ انهن سان سنو سلوڪ ڪندي سندن حق پورا ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## مزدور کي ڪيئن هئڻ گھرجي...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن مزدورن جا الڳ حق آهن، تيئن مزدورن تي بہ ڪيترين ئي ڳالهيون لازم آهن. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن مزدور يا محنت ڪش ماڻهو بہ ڪم ڪرائڻ وارن سان زيادتي ڪري رهيا هوندا آهن، مثال

1...ابن عِساکر، علی بن الحسین، جلد:41، صفحہ:387۔
2 ... شُعَبُ الْایمان ، باب حسن ا؛خلق، فصل فی ترک الغضب...الخ، جلد:6، صفحہ: 319، حدیث:8327 ۔
3...معجم اوسَط، جلد:1، صفحہ:542، حدیث:1998۔

طور: ❁ ڪم پورو نہ ڪندا آهن ❁ ڪم جي وقت ۾ ڳالهين ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويندا آهن ❁خواهہ مخواهہ هيڏانهن هوڏانهن گهمندا وتندا آهن ❁ڪم ۾ گهٽتائي يا غير معياري ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهو بہ هڪ جرم آهي. جيڪو بہ ملازم هجي، اجير هجي، عارضي هجي يا مستقل هجي، ان کي گهرجي تہ ايمانداري سان ڪم مڪمل ڪري ۽ معياري ڪم ڪري. قرآن پاڪ ۾ آهي:

اِنَّ خَیۡرَ مَنِ اسۡتَاۡجَرۡتَ الۡقَوِیُّ الۡاَمِیۡنُ ﴿۲۶﴾ (پارو:20، سوره قصص:26)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ اوهان جو پلو نوڪر اهو هوندو جيڪو طاقتور ۽ امانتدار هجي.

معلوم ٿيو تہ بهترين اجير جون بہ خوبيون آهن: **(1):**طاقتور هجي يعني جيڪو ڪم ان کان ورتو آهي، ان ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ان ۾ موجود هجي. جيڪڏهن صلاحيت ئي نہ هوندي تہ ظاهر آهي، هو پنهنجو ڪم چڱي نموني نہ ڪري سگهندو **(2):**ٻي خوبي اها آهي تہ اهو امين هجي، پنهنجو ڪم ايمانداري سان، پوري لگن سان، وقت جي پابندي جو خيال رکندي ڪري.

مزدورن ۽ ملازمن کي گهرجي تہ پنهنجي اندر اهي ٻئي خوبيون پيدا ڪن ❁جنهن ڪم لاءِ ڪين اجير طور رکيو ويو آهي، ان جو وڌ ۾ وڌ تجربو حاصل ڪن ۽ ان ڪم ڪرڻ جي پنهنجي اندر صلاحيت وڌائن ❁۽ ان سان گڏوگڏ امانتدار بہ رهن ❁ڪم جي لحاظ کان بہ امانتداري هجي تہ جيترو ڪم مليو آهي، دل و جان سان پورو پورو ڪم ڪري ❁وقت جي لحاظ کان بہ امانتداري ڪري جيترو ڪم ڪرڻ جو وقت طئي ٿيو آهي ايمانداري سان ڪري، هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري، گپ شپ ڪندي وقت برباد نہ ڪري. اللہ پاڪ اسان کي بهترين اجير بڻجڻ، هميشہ حلال ڪمائڻ ۽ حلال ئي کائڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

اچو تہ آخر ۾ حلال روزي ڪمائڻ ۽ حرام روزي کان بچڻ بابت ڪجھ حديثون ٻڌون ٿا:

## حلال روزي جي باري ۾ 4 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**(1):** سڀ کان وڌيڪ پاڪيزه کاڌو اهو آهي، جيڪو پنهنجي ڪمائيءَ مان کائو.[1] **(2):** بيشڪ الله پاڪ پيشہ ور مسلمان کي دوست رکندو آهي.[2] **(3):** جنهن کي مزدوريءَ جي ٿڪاوٽ سبب شام ٿي وڃي، ان جي اها شام، شامِ مغفرت ٿئي.[3] **(4):** پاڪ ڪمائي واري جي لاءِ جنت آهي.[4]

## حرام روزي جي باري ۾ 4 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**(1)** هڪ شخص ڊگهو سفر ڪندو آهي، جنهن جا وار وڪريل ۽ بدن مٽيءَ سان پريل هوندو آهي (يعني سندس حالت اهڙي آهي جو جيڪا دعا ڪري اها قبول ٿئي). هو آسمان ڏانهن هٿ کڻي يارب! يارب! پڪاريندو آهي(يعني دعا ڪندو آهي) پر حالت اها آهي جو سندس کاڌو حرام، پيتو حرام، لباس حرام ۽ غذا حرام، پوءِ ان جي دعا ڪيئن قبول ٿئي! (يعني جيڪڏهن دعا جي قبوليت جي خواهش آهي تہ حلال ڪمائي اختيار ڪريو).[5] **(2):** ماڻهن تي هڪ اهڙو وقت بہ ايندو، جو انسان پرواهہ ئي نہ ڪندو تہ هن اها شيءِ ڪيئن حاصل ڪئي آهي حلال طريقي سان يا حرام طريقي سان.[6] **(3):** جيڪو شخص حرام مال حاصل ڪندو آهي، جيڪڏهن ۞ ان مال کي صدقو ڪري تہ قبول نہ ٿيندو آهي ۞ خرچ ڪري تہ ان جي لاءِ ان ۾ برڪت نہ آهي ۞ ۽ جيڪڏهن پنهنجي پويان

---

1... ترمذی، کتاب الاحکام، باب ماجاء ان الوالد...الخ،صفحہ:349، حدیث:1358 ۔
2... معجم اوسط، جلد:6، صفحہ:327، حدیث:8934۔
3... معجم اوسط، جلد:5، صفحہ:337، حدیث:7520۔
4... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الاخلاص و النیۃ، جلد:1، صفحہ:178، حدیث:31۔
5... مسلم، کتاب الزکاۃ، باب قبول الصدقۃ...الخ، صفحہ:364، حدیث:1015۔
6... بخاری، کتاب البیوع، باب من لم یبال ...الخ، صفحہ:538، حدیث:2059۔

ڇڏي مري ويو تہ جهنم ۾ وڃڻ جو سامان آهي. اللہ پاڪ بُرائيءَ کي بُرائيءَ سان نہ مٽائيندو آهي، پر نيڪيءَ سان بُرائيءَ کي مٽائيندو آهي، بيشڪ ناپاڪ کي ناپاڪ نہ مٽائيندو آهي.[1] **(4):** جنهن عيب واري شيءِ وڪرو ڪئي ۽ عيب کي ظاهر نہ ڪيو، اهو هميشہ اللہ پاڪ جي ناراضگيءَ ۾ آهي يا فرمايائون تہ هميشہ فرشتا ان تي لعنت ڪندا رهندا آهن.[2]

## پہ اهم شرعي مسئلا

ٻہ اهم شرعي مسئلا دل ۾ سانڍي ڇڏيو ۽ انهن تي پورو پورو عمل ڪريو:

**(1):** اجير ۽ مستاجِر (يعني جنهن کي اجاري تي ڪنهن کي رکڻو آهي) انهن ٻنهي تي اجاري جا احڪام سکڻ فرض آهي.[3]

ان جو هڪ بهترين طريقو تہ هي آهي تہ **بهارِشريعت، جلد:3، حصو: 14** مان اجاري جا احڪام پڙهي وٺو! جيڪي سمجهہ ۾ نہ اچن، اهي عاشقانِ رسول عُلَماءِ ڪرام کان پڇي وٺو! ٻيو طريقو هي آهي تہ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي تحت ٿيڻ واري **فقہ ڪورس** ۾ داخلا وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اجاري جي احڪامن سان گڏ ڪيترائي فرض علوم سکڻ نصيب ٿيندا.

ٻيو شرعي مسئلو: **(2):** ڪم ڪرڻ ۾ سستي ڪرڻ ۽ اجرت پوري وٺڻ گناهہ ۽ حرام آهي. ۞ اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪم جون ٽي حالتون آهن **(1):** سُست **(2):** مُعتدِل (يعني وچٿرو) ۽ **(3):** نهايت تيز. جيڪڏهن مزدوري ۾ (گهٽ ۾ گهٽ مُعتدِل بہ ناهي، پر محض) سستيءَ سان ڪم ڪري ٿو تہ گنهگار آهي ۽ ان کي پوري اُجرت وٺڻ حرام آهي. جيترو ڪم (يعني جيترو هن ڪيو آهي) ٿيو آهي ان جي مطابق جيڪا اُجرت ٿئي سا وٺي، ان کان جيڪو

1... مسند امام احمد، جلد:2، صفحہ:505، حديث:3744۔
2... ابن ماجہ، كتاب التجارات، باب من باع عيبا فليبينه، صفحہ:359، حديث:2247۔
3... حلال طريقے سے کمانے کے 50 مدنی پھول، صفحہ:4۔

وڌيڪ ملي اهو مستاجِر (يعني جنهن سان ملازمت جو معاهدو ڪيو آهي، ان) کي واپس ڪري. [1]

ڪڏهن ڪم ۾ سستي ٿي وڃي ته غور ڪري ته مُعتدِل يعني وچٿري انداز ۾ ڪيترو ڪم ٿي سگهي ٿو، مثلاً جيڪڏهن ڪمپيوٽر آپريٽر (*Computer Operator*) آهي ۽ روزانو **100** رپيا اُجرت ملي ٿي، وچٿري انداز ۾ ڪم ڪرڻ سان روزانو **100** سِٽون ڪمپوز ڪندو آهي، پر اڄ صرف سستي يا غير ضروري ڳالهيون ڪرڻ جي ڪري **90** سِٽون ڪمپوز ٿيون، ته **10** سِٽن جي گهٽتائي جا **10** رپيا ڪٽوتي ڪرائي، چاڪاڻ ته اهي **10** رپيا وٺڻ حرام آهي. جيڪڏهن ڪٽوتي نه ڪرايائين ته گنهگار ۽ نارِ جهنم جو حقدار آهي. [2]

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي بڻجڻ، گناهن کان بچڻ ۽ فڪرِ آخرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! **12** ديني ڪمن ۾ خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **علائقائي دورو** به آهي.

**حديثِ پاڪ جو خلاصو آهي:** جيڪي قدم راهِ خدا ۾ مٽيءَ سان ڀرجي وڃن، انهن کي جهنم جي باهه نه ڇهندي. [3] ۞ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ، بُرائيءَ کان منع ڪرڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ به راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي ۞ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ بازارن ۾ تشريف

1 ...فتاویٰ رضويہ، جلد:19، صفحہ:407۔
2... حلال طريقے سے کمانے کے 50 مدنی پھول، صفحہ54۔
3... مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔

وني ويندا هئا ۞ مختلف قبيلن ۾ وڃي بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا هئا.

**دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول** بہ هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۞ گهر گهر، دڪان دڪان وڃي نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي ۞ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي ۞ نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي ۞ اسان ان کي علاقائي دورو چوندا آهيون.

## شرابي قافلي جو مسافر بڻجي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جو هڪ قافلو (گجرات، هندستان) جي هڪ شهر ۾ پهتو، قافلي جا اسلامي ڀائر علاقائي دورو ڪرڻ جي لاءِ مسجد کان ٻاهر نڪري ويا، علاقائي دوري دوران هڪ شرابي کي نيڪيءَ جي دعوت ڏنائون، اَلحمدُلِلّٰه! اهو شرابي قافلي وارن سان گڏ مسجد ڏانهن هليو آيو، اسلامي ڀائر ان سان ايتري قدر اخلاق سان پيش آيا جو هو 6 ڏينهن تائين قافلي وارن سان گڏ رهيو، علاقائي دوري جي برڪت ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جي سبب هن گناهن کان توبهه ڪئي، ڏاڙهي مبارڪ رکيائين، عمامو شريف جو تاج بہ مٿي تي سجايائين، اهڙي طرح هڪ شرابي علاقائي دوري جي برڪت سان نيڪ نمازي بڻجي ويو.

گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی | چڑھائے گا ایسا نشہ دینی ماحول
یقینا مقدر کا وہ ہے سکندر | جسے خیر سے مل گیا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَلْقُرْآنُ الْکَرِیْم موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي بہ علمِ دين جو فيضان

عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمنٽ جي طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: *Al Quran ul kareem* (القرآن الکریم). هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ۞ مڪمل قرآن پاڪ پڙهڻ ۞ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ قرآن ڪريم ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي ۞ ان سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي *Bookmark* به ڪري سگهجي ٿو، يعني بار بار پڙهڻ واري سورت يا آيت کي *Bookmark* جي بدولت آسانيءَ سان پڙهي سگهجي ٿو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن وقت تائين لڳ ڀڳ 10 لک کان وڌيڪ ماڻهو هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري چڪا آهن. توهان به هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

## ڪجهه ضروري اعلانات

❀ هر ڇنڇر تي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادری دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي رات 9 لڳي 15 منٽن تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين ❀ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **انبياءِ ڪرام** عَلَيْهِ السَّلَام **جي باري ۾ 25 سوال جواب** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب

حاصل ڪرڻ لاءِ هي رسالو پين سان بہ شيئر (*Share*) ڪيو! ❀ اردو ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ وارن لاءِ خليفهٔ اعلیٰ حضرت، صدر الشريعہ مفتي امجد علي اعظمي صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو فقهي مسائل تي مشتمل عظيم الشان تحفو: **بهارِ شريعت**. هي ڪتاب مسلمانن ڪي روزمره جي معاملن ۾ شريعت جي مطابق زندگي گذارڻ جي جامع رهنمائي فراهم ڪري ٿو. هن ڪتاب ڪي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان رعايتي قيمت تي **10440** رپين ۾ طلب فرمايو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو! پين ڪي بہ ان جي دعوت ڏيو!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!   صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪي اختتام جي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجهہ آدابِ زندگيءَ بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِیۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِیۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِیۡ كَانَ مَعِیَ فِی الۡجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي، ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ منهنجي سان گڏ هوندو.(1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## واعدي جي پابندي ڪرڻ سنت آهي

**2 فرامينِ مصطفیٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** جيڪو واعدو پورو نہ ٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان نہ آهي.(2) **(2):** جيڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان واعدي خلافي ڪندو آهي تہ ان تي الله پاڪ، ان جي فرشتن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي.(3)

---

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2 ...مصنف ابن اَبی شيبہ، ڪتاب الايمان، جلد:7صفحہ:223۔
3 ...بخاری، کتابَ الجِزيہ، باب اثم من عاهد ثم غدر، صفحہ:815، حديث:3179۔

اي عاشقانِ رسول! واعدو پورو ڪرڻ سنتِ مصطفیٰ بلڪ سنتِ انبياء آهي ۞ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واعدي جا تمام گهڻا پڪا هئا ۽ ۞ واعدو ٽوڙڻ کي تمام گهڻو ناپسند فرمائيندا هئا ۞ اعلانِ نبوت کان اڳ ۾ هڪ دفعي هڪ شخص پاڻصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: اوهان هتي ترسو! مان اجهو اچان ٿو، اهو شخص هليو ويو پر ڪانئس واپس اچڻ وسري ويو، 3 ڏينهن ڪانپوءِ ان کي ٻيهر ياد آيو، جڏهن هو انهيءَ جاءِ تي پهتو ته اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن گذرڻ جي باوجود به اتي ئي موجود هئا ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت، رحمت ۽ حسنِ اخلاق ڏسو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي دڙڪا نه ڏنا ۽ نه ئي جلال فرمايو، بس ايترو فرمايائون: اي شخص! تون مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو.(1) الله پاڪ اسان کي به سنتِ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي واعدو پورو ڪرڻ وارو بڻائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل **بهارِشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن جو لکيل 91 صفحن تي مشتمل رسالو 550سُنّتيں اور آداب خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

سنّتيں سيکھنے تين دِن کے ليے | ہر مہینے چليں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... اَبُو داؤد، كتاب ادب، باب فى العدة، صفحہ:781، حديث:4996۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

---

[1]… القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]… افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]… القول البديع، الباب الاول، ص3125

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[2]… مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[3]… ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455